روزاني
سنڌيار
سکر
ايڈيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com

(جلد پهريون) چنڇر 25 مارچ 2023ع بمطابق 03 رمضان المبارڪ 1444ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو 301

ٽرانسپورٽ ڪاتي پاران رمضان المبارڪ ۾ وڌيڪ نون روٽس تي پيپلز الیکٽرڪ بس سروس هلائڻ جو فيصلو

الیکٽرڪ بسون هلائڻ لاءِ سمورا انتظام مڪمل ڪيا وڃن، ٽرانسپورٽ ڪاتي تحت وڌيڪ نيون الیکٽرڪ بسون پڻ آڻي رهيا آهيون: شرجيل ميمڻ

بلاول پٽو زرداري هڪ هفتي اندر ڪورنگي ۾ شهيد ذوالفقار علي پٽو انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيو ويسڪولرڊيزيز جي پيڙهجو پٽرءِ جوهر چورنگ فلائي اوور منصوبي جو افتتاح ڪيو آهي

پبلڪ ٽرانسپورٽ سيڪٽر ۾ ورلڊ بينڪ جي سهڪار سان ييلو لائين منصوبي تي جلد ڪر جي شروعات ڪري رهيا آهيون، 2 مئي تائين ييلو لائين منصوبي تحت نئي جام صادق پل جي تعمير لاءِ ٽينڈر ايوارڊ ڪيو ويڃي

شهري سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن، سنڌ حڪومت بي آر ٽي ريڊ لائين منصوبي کي جلد کان جلد مڪملڪرڻ چاهي ٿي، هي منصوبو ڪراچي جي پبلڪ ٽرانسپورٽ جي بنيادي ڍانچي کي بهتر بڻائڻ جو سڀ کان اهم منصوبو آهي

هلندڙ هفتي بي آر ٽي ريڊ لائين منصوبي جي ڪانٽريڪٽرن کي 400 ملين روپيا ادا ڪيا ويا آهن، منصوبي جي لاٽ ون ۽ لاٽ 2 تي 24 ڪلاڪن شفٽن ۾ ڪم کي يقيني بڻايو ويڃي

اجلاس ۾ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ عبدالحليم شيخ، ايم ڊي سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي ڪمال حڪيم ۽ اين آر ٽي سي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر صهيب شفيق شرڪت ڪئي

ڪراچي (ريورٽر) سنڌ جي ٽرانسپورٽ ڪاتي رمضان المبارڪ ۾ وڌيڪ نون روٽس تي پيپلز الیکٽرڪ بس سروس هلائڻ جو فيصلو ڪيو آهي، اهو فيصلو اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ پبلڪ ٽرانسپورٽ جي صوبائي وزير سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي ۽ اين آر ٽي سي جي هدايت ڪئي ته الیکٽرڪ بسون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڪراچي: سنڌ سماء واري صوبائي وزير شرجيل ميمڻ جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس جو ڏيک

پرڏيهي مالياتي جي يقين ڪانپوءِ پاڪستان سان گڏ ايندڙ قدم ڪٽبو: آءِ ايم ايف

پاڪستان سان نائين اليون جي جائزي جي ڪاميابي کي يقيني بڻائڻ ۽ مالي يقينن ڪانپوءِ پاڪستان سان گڏ ايندڙ قدم ڪٽڻ لاءِ پرڏيهي پائيوارن کان بروقت مالي مدد اهم هوندي

پاڪستان جي معيشت کي چئلينجن کي منهن ڏيڻ پير آهي جهڙوڪ سستي ترقي جي شرح ۽ تيز افراط زر، پاڪستان جي معيشت کي وڏي مالي ضرورتن جهڙن چئلينجن کي منهن ڏيڻ پيو آهي

اهي سڀ چئلينجز پاڪستان ۾ تباهي واري بوڏ سبب ٻڌيا، آءِ ايم ايف ۽ پاڪستاني اختيارين وچ ۾ 9 هين جائزي کي مڪمل ڪرڻ لاءِ ڳالهيون جاري آهن، پاڪستاني اختيارين فيصلاڪن قدمن تي عمل شروع ڪري ڇڏيو آهي

اهڙن فيصلن سان پاڪستاني معيشت مستحڪم ٿيندي ۽ اعتماد بحال ٿيندو، آءِ ايم ايف موجب جائزي جي ڪاميابي کي يقيني بڻائڻ لاءِ پرڏيهي پائيوارن کان بروقت مالي مدد اهم هوندي

پاڪستان کي بين مالياتي ادارن ۽ دوست ملڪن کان به مالي مدد يقيني بڻائڻ گهرجي، انهن مالي يقينن ڪانپوءِ پاڪستان سان گڏ ايندڙ قدم کڻي سگهندا

اسلام آباد (ر ڊ) عالمي مالياتي فنڈ (آءِ ايم ايف) چيرآهي ته پاڪستان سان نائين اليون جي جائزي جي ڪاميابي کي يقيني بڻائڻ ۽ مالي يقينن ڪانپوءِ پاڪستان سان گڏ ايندڙ قدم کڻڻ لاءِ پرڏيهي پائيوارن کان بروقت مالي مدد اهم هوندي، آءِ ايم ايف طرفان جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته پاڪستان جي معيشت کي چئلينجن کي منهن ڏيڻو پيو آهي

لاهور: وزيراعظم شهباز شريف سستي اٽي جي فراهمي دوران هڪ عورت سان گڏهائي رهيو آهي

حسان نيازي جي ضمانت واري درخواست داخل

عمران خان جي فوڪل پرسن طرفان ضمانت جي درخواست داخل ڪئي وئي

عدالت حسان نيازي بابت رڪارڊ سميت پوليس کي اڄ طلب ڪري ورتو

اسلام آباد (ر ڊ) اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي فوڪل پرسن حسان خان نيازي طرفان ضمانت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

عمران خان عدالتن جي آڏو پيش نه ٿيڻ واري هوڏ تي قائم آهي: دفاع واري وزير خواجا آصف

عمران خان جي دور ۾ نون ليگ جي سموري قيادت کي گرفتار ڪيو ويو، اسان کڏهن به عمران خان جيان عزت ۽ وقار تان هٿ نه کنيو

عمران خان روز بحران پيدا ڪري رهيو آهي، اسان انهن بحرانن کي منهن ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون

عمران خان جي حڪومت جمهوري انداز ۾ پي اعتمادي رٽ ذريعي ڪيرائي وئي: دفاع واري وزير جون پرڏيهي ميڊيا سان ڳالهيون

اسلام آباد (ر ڊ) عمران خان ۽ سندس وڪيل عدالتن جي توهين ڪري رهيا آهن، عمران خان عدالت جي آڏو پيش نه ٿيڻ واري هوڏ تي قائم آهي: دفاع واري وزير خواجا آصف پرڏيهي ميڊيا سان ڳالهيون ڪندي وڌيڪ جيڏو پير ٿيا

عمران خان جي وارنٽ جي معطلي ۾ واڌ واري درخواست تي فيصلو محفوظ

ٻڌڻي دوران عمران خان جو وڪيل گوهر علي ۽ پراسيڪيوٽر رضوان عباسي عدالت ۾ پيش ٿيا

عمران خان 30 مارچ تي اچي رهيو آهي، عدالت به 30 مارچ تي ٻڌڻي ڪري: وڪيل گوهر علي

توهان عجيب گالهيون ڪري رهيا آهيو، توهان 30 مارچ لاءِ درخواست ڏئي رهيا آهيو: عدالت سڪوري

مان سول ڪورٽ ۾ وارنٽ جي تاريخ 29 مارچ کان 30 مارچ تائين تبديل ڪرڻ جي درخواست ڪريان ٿو: وڪيل

اسلام آباد (ر ڊ) اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ ۾ عورت جج زيبا چوڌري کي ڊمڪين ڊيڻ واري ڪيس ۾ عمران خان جا ناقابل ضمانت گرفتاري وارنٽ معطل ڪرڻ جي درخواست تي فيصلو محفوظ ڪيو ويو، ايڊيشنل سيشن جج فيضان حيدر گيلاني جي عدالت ۾ عمران خان پاران عورت جج کي ڊمڪيون ڊيڻ واري ڪيس ۾ وارنٽ معطل ڪرڻ واري درخواست /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

آڪٽو وزيراعظم ۽ تحريڪ انصاف سربراهه عمران خان (فائيل فوٽو)

نئين آرڊيننس تحت ڏنڊ، گرفتاري ۽ شين جي سرڪاري اڳهه تي نيلامي ٽيندي، چيف سيڪريٽري سنڌ

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت چيو آهي ته سنڌ ضرورتن جي شين جي قيمتن تي ڪنٽرول ۽ ذخيرو ڪرڻ جي روڪ بابت (ترميمي آرڊيننس) تحت ذخيره اندوزن ۽ منافعي خورن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي، هن اها گالهه رمضان المبارڪ ۾ ضروري شين جي اڳهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

وفاقي گهرو وزارت عمران خان خلاف عدالتن تي حملن وارن واقعن جي جاچ لاءِ جي آءِ ٽي جوڙي ڇڏي: نوٽيفڪيشن جاري

دهشتگردي ايڪٽ تحت جوڙيل جي آءِ ٽي جي سربراهي ايڊيشنل آءِ جي ذوالفقار حميد ڪندو، جي آءِ ٽي ۾ وفاقي پوليس جو بي آءِ جي اويس احمد به شامل

جي آءِ ٽي ۾ آءِ ايس آءِ، ايم آءِ ۽ آءِ بي جا ارڙهين گريڊ جا آفيسر به شامل، نوٽيفڪيشن موجب جي آءِ ٽي عمران خان خلاف اسلام آباد ۾ داخل ڪرايل 4 ڪيسز جي جاچ ڪندي

عمران خان خلاف جوڊيشل ڪمپليڪس سميت عدالتن تي حملن جي الزام هيٺ اسلام آباد ۾ 4 ڪيس داخل ٿيل، جي آءِ ٽي 14 ڏينهن اندر جاچ مڪمل ڪري رپورٽ پيش ڪندي

اسلام آباد (ر ڊ) وفاقي گهرو وزارت عمران خان خلاف عدالتن تي حملن وارن واقعن جي جاچ لاءِ جوڙيل جي آءِ ٽي جي سربراهي ايڊيشنل آءِ جي ذوالفقار حميد ڪندو، جي آءِ ٽي ۽ وفاقي پوليس جو بي آءِ جي اويس احمد به شامل جي آءِ ٽي جوڙي ڇڏي آهي. نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻ جي اختيار کي چيلنج ڪندڙ درخواستن تي ٻڌڻي 14 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي آهي. نوٽيفڪيشن موجب جي آءِ ٽي عمران خان خلاف اسلام آباد ۾ داخل ڪرايل 4 ڪيسز جي جاچ ڪندي، جي آءِ ٽي 14 ڏينهن اندر جاچ مڪمل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

صدر عارف علوي وقت سر چوندون ڪرائڻ لاءِ وزيراعظم شهباز شريف کي خط لکي ڇڏيو

پنجاب ۾ ڪي پي جون نگران حڪومتون وقت سر چوندن لاءِ اليڪشن ڪميشن سان سهڪار ڪن: صدر عارف علوي

اليڪشن ڪميشن چوندون ملتوي ڪري سپريم ڪورٽ جي حڪمن جي ڪُليل پڇڙي ڪئي آهي، تازو ملڪ اندر ميڊيا کي ڏاڍا ۾ آڻڻ جا واقعا پيش آيا

وزيراعظر هر شهري جي بُنيادي حقن جي تحفظ جو ذميوار آهي، وفاق ۽ صوبائي حڪومتن کي انساني حقن جي پائمالي کان باسو ڪرڻ گهرجي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پنجاب ۾ ڪي پي جون نگران حڪومتون وقت سر چوندن لاءِ اليڪشن ڪميشن سان سهڪار ڪن: صدر عارف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

سنڌ اسيمبلي ۾ اپوزيشن ليڊر حليم عادل شيخ

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ حليم عادل شيخ کي سيڪيورٽي نه ڏيڻ خلاف ڪيس جي ٻڌڻي

حليم عادل شيخ کي خطرو آهي (وڪيل) توهان کي ڪنهن کان خطرو آهي؟ عدالت جو حليم کان پڇاڻو

اسان کي به جيڪا سيڪيورٽي ملي ٿي ان جي حالت خراب آهي: ٻڌڻي دوران ريمارڪس

ڪراچي (ر ڊ) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ اپوزيشن ليڊر حليم عادل شيخ کي سيڪيورٽي نه ڏيڻ خلاف ڪيس جي ٻڌڻي دوران ريمارڪس، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

پي ٽي آءِ آمريڪا ۾ هڪ لابنگ فرم سان معاهدو ڪيو آهي: سينيٽر شيري رحمان

سازشي سائفرجي ناڪاميءَ ڪانپوءِ ذاتي واسطا هاٿي ڏالرن سان خريد ڪيا پيا وڃن

"پرائيويٽ ڪنسلٽنٽ" سان معاهدي جو مقصد آمريڪا سان پي ٽي آءِ جا لاڳاپا بهتر بڻائڻ آهي

تحريڪ انصاف هڪ هٿرادو پرڏيهي سازش جو ڊرامون ٺاهيو: ماحولياتي تبديلي واري وفاقي وزير جو ٽوئيٽ

اسلام آباد (ر ڊ) ماحولياتي تبديلي واري وفاقي وزير سينيٽر شيري رحمان پنهنجي ٽوئيٽ ۾ چيو آهي ته پي ٽي آءِ آمريڪا ۾ پنهنجي رجايل ساڪ بحال ڪرڻ لاءِ هڪ لابنگ فرم سان معاهدو ڪيو آهي، سماجي رابطن واري ويب سائيٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي : ويمين ميڊيا سينٽر جي ڏهه روزه ورڪشاپ جي پڇاڻي واري تقريب جو ڏيک

ڊپٽي ڪمشنرز جي نگراني ۾ ڪراچي جي سڀني ضلعن ۾ منافعي خورن خلاف ڪارروايون

ڪراچي (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنرز جي نگراني ۾ ڪراچي جي سڀني ضلعن ۾ ڪاڏ خوراڪ جي شين جون قيمتون چيڪ ڪري منافعي خورن خلاف ڪارروايون ڪيون ويون سرڪار طرفان مقرر ڪيل شين جي اڳهن جي خلاف ورزي ڪرڻ ۽ اڳهن واري فهرست نه لڳائڻ تي ڪارروائي ڪئي وئي مجموعي طور سڀني ضلعن ۾ هڪ سو 70 دڪاندارن خلاف ڪارروائي ڪئي وئي. جن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڪورونا ۾ واڌ، مثبت ڪيسن جي شرح 3 سيڪڙو کان وڌيڪ رکارڊ

اسلام آباد جي نيشنل انسٽيٽيوٽ آف هيلٿ موجب 24 ڪلاڪن دوران ڪورونا جا 150 ڪيس سامهون آيا

24 ڪلاڪن اندر ڪورونا سبب هڪ مريض فوت ٿي ويو، جڏهن ته 22 جڻن جي حالت ڳڻتي جوگي آهي: نيشنل انسٽيٽيوٽ آف هيلٿ

اسلام آباد (ر ڊ) ملڪ ۾ ڪورونا وائرس جي ڪيسن ۾ اضافوٿيو آهي ۽ مثبت ڪيسن جي شرح 3 سيڪڙو کان وڌي وئي آهي، اسلام آباد جي نيشنل انسٽيٽيوٽ آف هيلٿ شرح ساڳيا ٿي سيڪڙو کان مٿي ٿي وئي آهي، مرحب 24 ڪلاڪن دوران ڪورونا جا 150 ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

هنگورجا لڳ ٽرڪ ۽ ٽرالر وچ ۾ ٽڪر، هڪ جڙو فوت، هڪ زخمي

رسول آباد جي حد جتوئي پيٽرول پمپ پرسان تيزرفتار ٽرالر ۽ ٽرڪ جو ٽڪر ٿي پيو

حادثي ۾ ٽرڪ جو ڊرائيور خادم حسين قريشي ۽ سندس پٽ سجاد حسين قريشي سخت زخمي ٿي پيا

زخمي نوجوان سجاد حسين قريشي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو، ڊرئيور اسپتال داخل

هنگورجا (رپورٽر) رسول آباد جي حد جتوئي پيٽرول پمپ پرسان تيزرفتار ٽرالر ۽ ٽرڪ جو ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ٽرالر ۽ ٽرڪ ڪلٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

نادیہ کھف آمریکا جي پهرين باحجاب مسلمان عورت جج بڻجي وئي

نادیہ کھف قرآن پاڪ تي هٿ رکي عهدي جو حلف کنيو

مون کي مسلمان ۽ عرب ڪميونٽيز جي نمائندگي تي فخر آهي: نادیہ کھف

واشنگٽن (ر ڊ) نيوجرسي جي سپريم ڪورٽ ۾ مقرر آمريڪي اثارني نادیہ کھف پهرين باحجاب مسلمان عورت ٻڌڻي واري ڪيس ۾ وارنٽ معطل ڪرڻ واري درخواست /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

صدر عارف علوي وقت سر چوندون ڪرائڻ لاءِ وزيراعظم شهباز شريف کي خط لکي ڇڏيو

پنجاب ۾ ڪي پي جون نگران حڪومتون وقت سر چوندن لاءِ اليڪشن ڪميشن سان سهڪار ڪن: صدر عارف علوي

اليڪشن ڪميشن چوندون ملتوي ڪري سپريم ڪورٽ جي حڪمن جي ڪُليل پڇڙي ڪئي آهي، تازو ملڪ اندر ميڊيا کي ڏاڍا ۾ آڻڻ جا واقعا پيش آيا

وزيراعظر هر شهري جي بُنيادي حقن جي تحفظ جو ذميوار آهي، وفاق ۽ صوبائي حڪومتن کي انساني حقن جي پائمالي کان باسو ڪرڻ گهرجي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پنجاب ۾ ڪي پي جون نگران حڪومتون وقت سر چوندن لاءِ اليڪشن ڪميشن سان سهڪار ڪن: صدر عارف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

سنڌ اسيمبلي ۾ اپوزيشن ليڊر حليم عادل شيخ

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ حليم عادل شيخ کي سيڪيورٽي نه ڏيڻ خلاف ڪيس جي ٻڌڻي

حليم عادل شيخ کي خطرو آهي (وڪيل) توهان کي ڪنهن کان خطرو آهي؟ عدالت جو حليم کان پڇاڻو

اسان کي به جيڪا سيڪيورٽي ملي ٿي ان جي حالت خراب آهي: ٻڌڻي دوران ريمارڪس

ڪراچي (ر ڊ) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ اپوزيشن ليڊر حليم عادل شيخ کي سيڪيورٽي نه ڏيڻ خلاف ڪيس جي ٻڌڻي دوران ريمارڪس، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

پي ٽي آءِ آمريڪا ۾ هڪ لابنگ فرم سان معاهدو ڪيو آهي: سينيٽر شيري رحمان

سازشي سائفرجي ناڪاميءَ ڪانپوءِ ذاتي واسطا هاٿي ڏالرن سان خريد ڪيا پيا وڃن

"پرائيويٽ ڪنسلٽنٽ" سان معاهدي جو مقصد آمريڪا سان پي ٽي آءِ جا لاڳاپا بهتر بڻائڻ آهي

تحريڪ انصاف هڪ هٿرادو پرڏيهي سازش جو ڊرامون ٺاهيو: ماحولياتي تبديلي واري وفاقي وزير جو ٽوئيٽ

اسلام آباد (ر ڊ) ماحولياتي تبديلي واري وفاقي وزير سينيٽر شيري رحمان پنهنجي ٽوئيٽ ۾ چيو آهي ته پي ٽي آءِ آمريڪا ۾ پنهنجي رجايل ساڪ بحال ڪرڻ لاءِ هڪ لابنگ فرم سان معاهدو ڪيو آهي، سماجي رابطن واري ويب سائيٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي : ويمين ميڊيا سينٽر جي ڏهه روزه ورڪشاپ جي پڇاڻي واري تقريب جو ڏيک

ڪوٽڙي ۾ لائيو اسٽاڪ ڪاتي پاران مبينا طور مدي خارج وڪسين کيل 10 دور مري ويا

ڪوٽڙي (رپورٽر) ڪوٽڙي ۾ لائيو اسٽاڪ ڪاتي پاران مبينا طور مدي خارج وڪسين کيل 10 دور مري ويا متاثر مالوڌن ڏانهيندي چيو ته لائيو اسٽاڪ ڪاتي جي ڊاڪٽر اصغر ميمڻ بيمار ڍورن کي مدي خارج وڪسين لڳائي، جنهن بعد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڪنڊيارو ۾ ڪچري جي ڍير کي باهه لڳڻ سبب ڌوئين جي ڪپهه جي فصل کي نقصان

ڪنڊيارو (رپورٽر) ڪنڊيارو ۾ ڪچري جي ڍير کي باهه لڳڻ سبب ڌوئين جي ڪپهه جي فصل کي نقصان پهتو آهي، ڪچري جي ڍير کي باهه لڳڻ سبب ڪپهه جي فصل کي نقصان پهچڻ جي خبر ملڻ تي ڊپٽي ڪمشنر ڪنڊيارو ڊاڪٽر ڪاشف شورو، اسسٽنٽ ڪمشنر ڪنڊيارو ڪاشف علي ميمڻ ۽ ٻين آفيسرن موقعي تي پهچي ڪچري جي ڍير کي باهه لڳڻ جي سبب جو پتو لڳائڻ لاءِ تحقيقات شروع ڪري ڏني آهي

يارتي پارليامينٽ اپوزيشن ليڊر راهول گانڌيءَ کي نااهل قرار ڏئي ڇڏيو

يارتي پارليامينٽ جي هينئين ايوان لوڪ سڀا جي سيڪريٽريٽ نااهلي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو

راهول گانڌي کي گذريل ڏينهن عدالت بدناموسي جي ڪيس ۾ ڏوهاري قرار ڏيندي 2 سال قيد جي سزا ٻڌائي هئي

راهول گانڌي 2019ع ۾ چوندڙ مهم دوران تقرير ۾ مودي ذات جي سمورن ماڻهن کي چور سڏيو هو

ممبئي (ر ڊ) پارتي پارليامينٽ اپوزيشن ليڊر ڪانگريس جي آڳواڻ راهول گانڌيءَ کي نااهل قرار ڏئي ڇڏيو آهي، پارتي پارليامينٽ جي هينئين ايوان لوڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ڪانگريس آڳواڻ راهول گانڌي (فائيل فوٽو)

رمضان ايندي ئي مهانگائي چوٽ چڙهيل، 26 عام واهپي جي شين جا اڳهه وڌي ويا

هڪ هفتي ۾ مهانگائي جي شرح ۾ 1.80 سيڪڙو جي وڌي واڌ رکارڊ ڪئي وئي، چانورن جي اڳهن ۾ واڌ رکارڊ

تماٽو 58 روپين مان وڌي 100 روپيا في ڪلو تائين پهچي ويو، 20 ڪلو اٽو 770 روپيا مهانگو ٿي ويو

اسلام آباد (ر ڊ) ملڪ ۾ مهانگائيءَ جو طوفان گهٽجڻ جو نالو نه پيو وٺي ۽ هڪ هفتي ۾ مهانگائي جي شرح ۾ 1.80 سيڪڙو جي وڌي واڌ رکارڊ ڪئي وئي، چانورن جي اڳهن ۾ واڌ رکارڊ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

نوري آباد ويجهو موٽروي تي مسافر ڪوچ ۽ ڊمپر ۾ ٽڪر، ٻارهن نگرواسي 2 سڳا ٻائر فوت

ايم نائين موٽروي تي پنجاب کان ڪراچي ويندڙ مسافر ڪوچ اڳيان ويندڙ ڊمپر سان ٽڪرائجي وئي

ڪوچ ۾ سوار يوسف ۽ سندس ٻاڻ امين فوت، عورت سميت 6 ڄڻا زخمي ٿي پيا

موٽروي پوليس پاران ڪوچ جي ڪريل ملبي کي مشيني ذريعي هٽائي روڊ کي ڪليئر ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) نوري آباد ويجهو ايم نائين موٽروي روڊ تي پنجاب کان ڪراچي ويندڙ مسافر ڪوچ جونوري آباد پنج نمبر چوڪي وٽ اڳيان ويندڙ ڊمپر سان ٽڪرائي پيو، حادثي ۾ مسافر ڪوچ جو ڊرائيور خادم حسين قريشي ۽ سندس پٽ سجاد حسين قريشي سخت زخمي ٿي پيا، نتيجي ۾ مسافر ڪوچ ۾ به سڳا ٻائر فوت ٿي ويا ڇڏڻهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪراچي: نوري آباد پرسان حادثي جو شڪار ٿيل مسافر ڪوچ واري هاري هنڌ ٻيئل آهي

رمضان آرڊيننس جي نالي تي دوڪاندارن ۽ اقليتن جي تذليل ڪندڙ ايس ايڇ او خانپور مهر ڏڇي ۾ پڇجي ويو

گهوٽڪي (رپورٽر) رمضان آرڊيننس جي نالي تي دوڪاندارن ۽ اقليتن جي تذليل ڪندڙ ايس ايڇ او خانپور مهر ڏڇي ۾ پڇجي ويو ايس ايس پي گهوٽڪي تنوير تنيو سوشل ميڊيا تي دوڪاندارن جي تذليل واريون ويڊيوز وائرل ٿيڻ بعد ايس ايڇ او قابل پير ڪي معطل ڪري ڇڏيو ايس ايڇ او قابل پير ويڊيو بيان ۾ پنهنجي عمل تي معافي ٻه ڀري ڇڏيو. گذريل ڏينهن ايس ايڇ او شهر ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

جيڪب آباد پرسان پي هٿان 2 پٽ بيدردي سان قتل

مولاداد پرسان ڳوٺ دادپور جاگير ۾ پي ڪيشو گلواڻي جڪراڻي خان جان ۽ خان گل کي فائرنگ ڪري قتل ڪيو

هن پٽن کي قتل ڪرڻ بعد ڪيشو گلواڻي کي پوليس گرفتار ڪري لاڪپ حوالي ڪري ڇڏيو

جيڪب آباد (رپورٽر) مولاداد پرسان ڳوٺ دادپور جاگير ۾ پي ڪيشو گلواڻي جڪراڻي پنهنجي هن معصوم پٽن 7 سالا خان گل ۽ 9 سالا خان گل کي فائرنگ ڪري بيدردي سان قتل ڪري ڇڏيو آهي، جڏهن ته ٽيئن پٽ ڪي بچايو ويو آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

چين پاڪستان جي به ارب ڊالر قرض جي ادائيگي ملتوي ڪري ڇڏي

چين ڪانپوءِ سعودي عرب ۽ گڏيل عرب امارتن طرفان به جلد فنانسنگ جي اميد آهي: نائب واري وزارت

هلندڙ مهيني نائب جا ذخيرا 5 ارب ڊالرن کان وڌي وڃڻ جي به اميد آهي

چين 2 ارب ڊالرن جي سيف ڊپازٽ جي واپسي هڪ سال لاءِ ملتوي ڪئي آهي

اسلام آباد (ر ڊ) چين پاڪستان لاءِ به ارب ڊالرن جو سيف ڊپازٽ قرض رول اوور ڪري ڇڏيو. نائب واري وزارت جي اختيارين چين طرفان سيف ڊپازٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

هڪ ٻي آمريڪي سينيٽر جو پاڪستان ۾ وڌندڙ سياسي تشدد تي ڳڻتيءَ جو اظهار

پاڪستان ۾ سياسي ڇڪتاڻ سبب تشدد پريشان ڪندڙ آهي : ڪيٽرين ڪورٽيز

انهن حالتن ۾ مون کي پاڪستاني عوام جو خيال ايندو آهي

واشنگٽن (ر ڊ) آمريڪا جي هڪ ٻي عورت سينيٽر پاڪستان ۾ وڌندڙ سياسي تشدد تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي، ٽوئيٽر تي جاري ڪيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

نيب عمران خان خلاف ڪيسن جا تفصيل عدالت ۾ جمع ڪرائي ڇڏيا

راولپنڈي ۾ عمران خان خلاف 2 ڪيس داخل آهن: نيب

عمران خان خلاف ٻئي ڪيس انڪوائري جي مرحلي ۾ آهن

لاهور (ر ڊ) قومي احتساب بيورو (نيب) پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان خلاف ڪيسن جا تفصيل عدالت ۾ جمع ڪرائي ڇڏيا. نيب لاهور هاءِ ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

باهو ڪوسو: ٽل سان ملائيندڙ پل ڏماڪي سان ڪرڻ سبب ٽرڪ اونڌي پيل آهي

باهو ڪوسو ڪي ٽل سان ملائيندڙ پل ڏماڪي سان ڀهي پئي: ٽرڪ ڪلٽي، 2 ڄڻا زخمي

ٽرڪ ڪلٽي ٽيڻ جي نتيجي ۾ 2 ڄڻا زخمي، باهو ڪوسو جو ٽل سان زميني رابطو ڪٽجي ويو

پل ڪيتري ئي عرصي کان زبون ٻڌيل هئي، مرمت نه ڪرائڻ سبب اڄ پل ڀهي پئي: علاقائي واسي

باهو ڪوسو (رپورٽر) باهو ڪوسو کي ٽل سان ملائيندڙ پل ڏماڪي سان ڀهي پئي، پل ڪرڻ سبب هڪ ٽرڪ ڪلٽي ٽيڻ جي نتيجي ۾ 2 ڄڻا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

خيرپور ۾ معمولي گالهه تان بااثر ماڻهن جي تشدد ۾ معصوم هاڑو مارجي ويو

نينگر آصف جاگيراڻي جو لاش اسپتال منتقل، پوليس الزام هيٺ آيل 3 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو

پارن ۾ جهيڙي بعد بااثر ماڻهن آصف کي پڪڙي وحشياڻي تشدد جو نشانو بڻايو ۽ ماري ڇڏيو: وارث

خيرپور (رپورٽر) خيرپور شهر ۾ معمولي گالهه تان بااثر ماڻهن جي تشدد ۾ معصوم هاڑو مارجي ويو نينگر آصف جاگيراڻي جو لاش اسپتال منتقل، پوليس الزام هيٺ آيل 3 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو، مقتول نينگر جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

لاهور: امير جماعت اسلامي سراج الحق اجلاس جي صدارت ڪندي

ميرپور خاص ۾ ڪمشنر پاران رمضان بچت بازار جو دورو

روزانه استعمال ٽيندڙ شين کي رمضان بچت بازار ۾ رکيو وڃي: سيد اعجاز شاهه

عوام کي ريليف فراهم ڪرڻ ضلعي انتظاميه جي ذميواري آهي: دوري دوران ڪاڏهن

ميرپورخاص (رپورٽر) ڊويزنل ڪمشنر ميرپورخاص سيد اعجاز علي شاهه سنڌ حڪومت جي تعاون ۽ ضلعي انتظاميه جي سهڪار سان هلديا چوڪ ميرپورخاص تي قائم رمضان بچت بازار جو دورو ڪيو ۽ موقع تي هن شين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪراچي: ايڊيشنل سيشن جج شڪيل احمد جي فرعنداڙي ۾ نڪرندڙ نالن جو اعلان ڪندي

ڪراچي جي علاقي جوهر آباد ۾ گهر اندر گيس سلينڈر جو ڌماڪو، ڪ زخمي

ڪراچي (ر ڊ) ڪراچي جي علاقي جوهر آباد ۾ گهر اندر گيس سلينڈر جو ڌماڪو ڪري جاني نقصان نه ٿيو. گهر مالڪ زخمي، گهر جو اڌ حصو ڍهي پيو پڇجي ويو، پوليس گهر خالي ڪرائي چڏيو. بم ڊسپوزل اسڪواڊ جيڙ آهي ته شروعاتي جاچ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڪوٽڙيجي ۾ وارد نمبر 5 ٽنڈو شاھ جي پ پ اميدوار قربان پريو جي حمايت ۾ ريلي

سماجي اڳواڻ سيد ساجدحسين زيدي المعروف سائين ساجد جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

ريلي ۾ امام علي شاھ بخاري . ميرالطاف حسين ٽالپر. سيد افضل شاھ . امتياز حسين وساڻ شريڪ

آصف راجپوت. سيد انور شاھ . ڪاڪا پريو. اميدوار قربان پريو ۽ ٻين اھم شخصيتن پڻ شرڪت ڪئي

ڪوٽڙيجي (رپورٽر) ڪوٽڙيگلو مان زيدي هائوس تان ٽائون ڪاميٽي ڪوٽڙيجي جي وارد نمبر 5 ٽنڈو شاھ جي پ پ اميدوار قربان پريو جي حمايت ۾ ملڪ جي نالي واري روحاني ۽ سماجي اڳواڻ قبلہ مولانا سيد ساجدحسين زيدي المعروف سائين ساجد/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ڪوٽڙيجي: وارد نمبر 5 تي پ پ اڳواڻ جي حمايت ۾ نڪتل ريلي جو ڏيک

- ڊپٽي ڪمشنر ٽرپارڪر جي
- صدارت هيٺ اجلاس، ڪاڏي پيتي
- جي شين جا اگهہ طئي ڪيا ويا

ملي (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر ٽرپارڪر لعل ڏنو منگي جي صدارت هيٺ گذريل ڏينهن دربار هال ملي ۾ ڪاڏي پيتي جي شين جي اگهن جي مقرري بابت اجلاس ٽيو. جنهن ۾ واپارين جي تنظيمن جي نمائندن سان صلاح مشورا ڪيا ويا. رمضان جي مهيني ۾ ڪاڏي پيتي جا اگهہ مقرر ڪيا ويا جنهن سان دال مسور اي ڪوالٽي 245 رپيا. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

نٽي ۾ عوام جي جان ۽ مال جي محافظ پوليس پاران دعوائن باوجود بدامني تي ڪنٽرول نہ ٽيو

مڪلي شورا موري تان ڳوٺ عارب خاصخيلي جي رهواسي نورو خليفي کان نامعلوم هٿياربند ڦرڪري ويا

قورو هٿيارن جي زور تي سي ڊي موٽرسائيڪل، قيمتي موبائل ۽ هزارين روپيا روڪ رقم ڦرڪري فرار ٿي ويا

نٽو(ڊي) عوام جي جان ۽ مال جي محافظ پوليس پاران وڌين دعوائن باوجود چورين تڙڦي ڦرن تي ڪنٽرول ڪري ناهي سگهي. جنهن ڪري عوام ڪي نامعلوم هٿياربند قورو هٿيارن جي زور تي سي ڊي موٽرسائيڪل، قيمتي موبائل ۽ هزارين روپيا روڪ / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ڦرڻ روز جو معمول بڻيل آهي. ان سلسلي ۾ مليل جان موجب مڪلي شورا موري تان ڳوٺ عارب خاصخيلي جي رهواسي نورو خليفي کان

اسلام ڪوٽ ۾ واپارين طرفان رمضان بچت بازار لڳائي ويئي، ڊي سي پاران افتتاح

واپاري ايسوسيئشن جي طرفان ٽائون ڪاميٽي اندر رمضان بچت بازار لڳائي ويئي

بچت بازار لڳائڻ سان ڪجھ عوام کي رليف ملندو،سنڌ حڪومت قدم کٽي پئي: ڊي سي

شهري تورِي صحافي مقامي انتظاميہ سان تعاون ڪن تہ جينئن پلاري مهيني ۾ ماٺهن کي فائدو ٿئي

اسلام ڪوٽ(رپورٽ صادق بجير)اسلام ڪوٽ ۾ واپارين طرفان رمضان بچت بازار لڳائي ويئي.ڊي سي طرفان افتتاح ڪيو ويو. خبرموجب:اسلام ڪوٽ ۾ واپاري ايسوسئيشن جي طرفان ٽائون ڪاميٽي اندر رمضان بچت بازار لڳائي ويئي.جنهن جوافتتاح گذريل ڏينهن ڊي سي ٽرلعل ڏنو منگي ڪيو.ان موقعي تي هن چيوتہ بچت بازار لڳائڻ سان ڪجھ عوام کي رليف ملندو./ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

اسلام ڪوٽ: واپارين طرفان لڳايل رمضان بچت بازار جو ڏيک

- جيڪب آباد لڳ جي جهوريندڙ
- واقعو: وحشي والد 2 پٽن کي
- قتل ڪري ڇڏيو

جيڪب آباد (رپورٽر) جيڪب آباد لڳ جي جهوريندڙ واقعو پيش آيو وحشي والد پنهنجي ٻن معصوم پٽن کي چاقن جا وار ڪري قتل ڪري ڇڏيو. ڪيڙو گلواڻي پنهنجي ٻن معصوم پٽن خان جان. خان گل کي قتل ڪري فرار ٿي ويو. جوابدار جو ذهني توازن ٺيڪ ناهي/ پوليس.... خبر موجب جيڪب آباد لڳ مولاداد ٽالي جي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

سنڌ آبادگار فورم ۽ علماءِ ايڪشن ڪميٽي جي طرفان شاھنواز پٽو پارڪ ۾ بچت بازار

شاھنواز پٽو پارڪ ۾ رمضان المبارڪ جي حوالي سان غريب عوام لاءِ بچت بازار لڳائي وئي

وڌ 150 رپيا ڪلو نارنگي 280 رپيا سرجن ڪيلا150 رپيا درجن وڪرو ڪيا پيا وڃن

علماءِ ايڪشن ڪميٽي جي طرفان اھڙي سستي بچت بازار لڳائڻ تمام بهتري عمل آهي:شهري

گهارو (رپورٽ:بشام جوڪيو) سنڌ آبادگار فورم ۽ علماء ايڪشن ڪميٽي جي طرفان شاھنواز پٽو پارڪ ۾ رمضان المبارڪ جي حوالي سان غريب عوام لاءِ بچت بازار لڳائي وئي فورم جي چيئرمين ڊاڪٽر افضل آرائين تفصيل بڌايا تہ هتي فروٽ انهي قيمت ۾ ڏيون پيا جنهن ۾ عوام لاءِ بچت بازار لڳائي وئي آهي آبادگار نارنگي 280 رپيا سرجن ڪيلا 150 رپيا درجن./ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڪراچي ضلعي اوپر جي آدمشماري ڪنڊڪٽر ماسٽرياٽين طرفان احتجاجي مظاهرو

ڪنونس الائنس ۽ سيڪيورٽي نہ ملڻ خلاف ڪم ڇڏ هڙتال ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ماسترن ۽ ماسترياٽين شاھد قاضي. جيئندوخان. ڊاڪٽر شمن فاطمہ فوزيہ ناهيد احتجاج ڪيو

قومي فريضو سمجهي سيڪيورٽي رسڪ کي منهن ڏيندي آدمشماري جو ڪم ڪري رهيو آهي:مظاهرين

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ضلعي اوپر جي آدمشماري ڪنڊڪٽر ماسٽر ماسٽرياٽين طرفان ٽريننگ. ڪنونس الائنس ۽ سيڪيورٽي نہ ملڻ خلاف ڪم ڇڏ هڙتال ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهرين ڪيو ويان ڊس ۾ سائنس اينڊ ڪمرشل ڪاليج ۾ / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڪراچي: اوپر جي آدمشماري ڪنڊڪٽر ماسٽر ماسٽرياٽين طرفان مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

- جيڪب آباد لڳ رستو نہ ڏيڻ جي
- ڳالهہ تان جتوئي برادري جي ٻن ڏرين
- وچ ۾ جهيڙو، نوجوان قتل

جيڪب آباد (رپورٽر) جيڪب آباد لڳ رستو نہ ڏيڻ جي ڳالهہ تان جتوئي برادري جي ٻن ڏرين وچ ۾ جهيڙو، نوجوان قتل. ڳوٺ غوث بخش جتوئي ۾ مبينا جوابدارن اسحاق جتوئي، پيپر جتوئي سميت ٻين لڌيون هٿي 22سالن جي ولي محمد جتوئي کي شديد زخمي ڪيو جنهن کي لاڙڪاڻي منتقل ڪيو پيو وڃي تہ مقتول زخمن جا سور/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ملير ۾ واٽر بورڊ جو ڪارنامو: ڏٽي پرتو ڳوٺ جو 8 سال پراڻو ڪنيڪشن ڪٽي ڇڏيو

8 سال پراڻو ڪنيڪشن ڪٽي ڇڏيو پاڻي جو بحران، پنج ڏينهن کان پاڻي بند آهي:رهواسي

لائين ڪٽي پاڻي بند ڪري ڇڏي آهي رمضان جي پلاري مهيني ۾ ڳوناڻا پاڻي ڦڙي لاءِ پريشان آهن

ڪراچي (رپورٽر) ملير ۾ انجنيئر واٽر بورڊ ممتاز مگسي جو ڪارنامو رشوت ۽ ڏينهن ڏٽي پرتو ڳوٺ جو 8 سال پراڻو ڪنيڪشن ڪٽي ڇڏيو پاڻي جو بحران. پنج ڏينهن کان پاڻي بند آهي راشي انجنيئر ممتاز مگسي عيد جي خرچي جو مطالبو ڪيو اعتراض تي غيرقانوني ڪنيڪشن ڪٽي ڇڏيو عيد جي خرچي جو مطالبو ڪيو اعتراض تي انتقامي ڪارروائي ڪندي پاڻي جو ڪنيڪشن ڪاٽي ڇڏيو

ڪاتي سڪر پاران اسمگلنگ روڪڻ لاءِ ڪارروايون تيز ڪري ڇڏيون، ڪروڙن جو سامان هٿ

ڪاتي جي اعليٰ آفيسرن جي خاص هدايتن تي مختلف چيڪ پوسٽن تي ڪارروايون تيز ڪيون ويون

ڪسٽم ڊپارٽمينٽ جي ڪليڪٽر ممتاز علي ڪوسو جي حڪم تي اي سي ڪسٽم ڪارروايون ڪيون

مختلف آپريشن ۾ 2 ڪروڙ 50 لک کان وڌيڪ ڪاتن جي وڏي ۽ اهم ڪاميابي حاصل ڪئي وئي آهي

سڪر(بيورورپورٽ) ڪسٽم ڪاتي سڪر پاران اسمگلنگ روڪڻ لاءِ ڪارروايون تيز ڪري ڇڏيون آهن.هلندڙ مهيني ساڍا 5 ڪروڙ ڪان وڌيڪ مالريت جو مختلف سامان هٽ ڪيو ويو.آهي اعليٰ آفيسرن جي خاص هدايتن تي مختلف چيڪ پوسٽن تي ڪارروايون تيز ڪيون ويون آهن: انسپيڪٽر منظور جمالي ان سلسلي ۾ ڪسٽم ڊپارٽمينٽ جي ڪليڪٽر ممتاز علي ڪوسو جي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سڪر: ڪسٽم آفيسرز طرفان اسمگلنگ روڪڻ لاءِ ڪارروايون تيز ڪري ڇڏيون. ۽ هيٺ ڪيل سامان

- ڪشمور پوليس جو انوکو
- ڪارنامو: هٿياربندن جي حملي
- ۾ جوابدار گرفتار نہ ٿيا

ڪشمور (رپورٽر) ڪشمور پوليس جو انوکو ڪارنامو هي سيد زينل شاھ آهي جنهن کي ڪجھ ڏينهن اڳ مهر برادري سان تعلق رکندڙ جوابدارن سرعام ڪشمور جي ڇنا بازار ۾ مٽي ۾ هٿوڙا هٿي شديد زخمي ڪري ڇڏيو جنهن کي ڳڻتي جوگي حالت ۾ لاڙڪاڻي ريفر ڪيو ويو وري اٽان ان کي ڪراچي منتقل ڪرڻ جو چئي لاڏا/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

مهانگائي تي ضابطو آڻڻ لاءِ هڪ ٻيو قدم، ضلعي آفيسرن کي مئجسٽريٽ جا اختيار ملي ويا

حڪومت مئجسٽريٽ جا اختيار ڏئي ڇڏيا، ذخيرو اندوزي ڪندڙ ۽ منافعي خور سخت پريشان ٽي ويا

اختيارن نوٽيفڪيشن ٻہ جاري ڪري ڇڏيو،ضلعي آفيسرن کي مئجسٽريٽ مقرر ڪري ڇڏيو آهي

سمورا آفيسر ڊي سيز جي نگراني ۾ ڪم ڪندا، روڪٽام ڪمشنرن ۽ ڊي سيز جي ذميواري هوندي

سڪر (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جو مهانگائي تي ضابطو آڻڻ لاءِ هڪ ٻيو قدم. ضلعي آفيسرن کي مئجسٽريٽ جا اختيار ڏئي ڇڏيا. نوٽيفڪيشن ٻہ جاري ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ جي سمورن ضلعي آفيسرن کي مئجسٽريٽ مقرر ڪري ڇڏيو. / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ذخيرہ اندوزي ڪندڙ ۽ منافعي خور سخت پريشان، حڪومت هڪ انهن خلاف قدم جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي، ان حوالي سان اختيارين

جهمپير ۾ آسپاس ڪوهستاني پٽي ۾ چوپائي مال ۾ ويڙهندڙ بيمارين ڦهلجڻ لڳيون

جهمپير شهر ۾ قائم جانورن جي اسپتال کي تالا لڳل پاڳين پاران احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ مبارڪ پالاري، امبر پير، ڪڙايون، ڳوٺ سيد بچل شاھ، ڳوٺ فوٽو درس ۾ بيمارين ڦهلجي رهيون

نٽو (رپورٽ: جاويد ميمڻ) جهمپير ۽ ان جي آسپاس ڪوهستاني پٽي ۾ اوچتو چوپائي مال ۾ ويڙهندڙ بيمارين ڦهلجڻ ڪري ڪيترائي جانور مرڻ ڪري پاڳين کي مٿي تي هٿ اچي ويا. جهمپير شهر ۾ قائم جانورن جي اسپتال کي تالا لڳل پاڳين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

پڊعيدن ٽائرن جي رهواسڻ پاران نوشهرفيروز ۾ معصوم بارڙن سميت احتجاج

ممتاز شبانا راجپر پنهنجي معصوم بارڙن سميت پريس ڪلب نوشهرفيروز ۾ احتجاج ڪيو

عبدالڪريم قيوم عبدالرحيم احسان شاھد ۽ ٻين تي ڪيس ٽائي تي داخل ڪرايا آهن:مظاهرين

نوشهرفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) پڊعيدن ٽائون جي رهواسڻ فيروز ممتاز شبانا راجپر پنهنجي معصوم بارڙن سميت پريس ڪلب نوشهرفيروز ۾ احتجاج ڪندي عبدالڪريم قيوم عبدالرحيم احسان جي / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

نوشهروفيروز: متاثر عورتون بارڙن سان گڏ پريس ڪلب ۾ احتجاج ڪندي

ٽنڈو ڪرڻ جو سينيئر صحافي فضل وهاب يوسفزئي سول اسپتال ۾ لاڏاڻو ڪري ويو

شهر جو سينيئر صحافي فضل وهاب ڪجھ مهينن کان ڪينسر جي مرض ۾ مبتلا هو

جنازي نماز ۾ صحافي، سياسي سماجي اڳواڻن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ٽنڈو ڪرڻ (رپورٽر) ٽنڈو ڪرڻ جو سينئر صحافي فضل وهاب يوسفزئي گذريل ڏينهن دل جو دورو پوڻ سبب ملهي جي سول اسپتال ۾ لاڏاڻو ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

گمبٽ ۾ رمضان شريف اڇڻ سان مهانگائي چوٽ چڙهي وئي،اختيارين خاموش

شهر ۾ گوشت مڇي سميت روز مرهہ جون شيون آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳيون

اٽو 150 روپيا ڪلو گيہ 550 ڪنڊ 100 سبزيون بصر 120 پتاتا 60 ڪلو وڪرو

گمبٽ (رپورٽ عبدالحي شيخ) گمبٽ ۾ رمضان شريف اڇڻ سان مهنگائي چوٽ چڙهي وئي سبزيون فروٽ گوشت مڇي سميت روز مرهہ جون شيون آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳيون دڪاندار پنهنجا اڳ مقرر ڪري ڇڏيا مختيارڪار فوٽون سيشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سول اسپتال نوشهروفيروز جي ڊينٽل آئينڊنٽ اڪبر علي جڻ جي رٽائرڊمينٽ تي تقريب

ڊاڪٽر خادم علي مگريو، ڊاڪٽر عبدالفتاح راچپر پيراميڊيڪس اڳواڻن پاران شرڪت

هدايت الله سولنگي حفيظ الله راچپر ۽ بشير احمد پرڙو پاران اجرڪ جا تحفا ڏيئي الوداع

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) سول اسپتال نوشهروفيروز جي ڊينٽل آئينڊنٽ اڪبر علي جڻ جي رٽائرڊمينٽ تي سول سرجن ڊاڪٽر/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

نوشهروفيروز: اڪبر علي جڻ جي رٽائرڊمينٽ تي ڪيس اجرڪ پهرايا پيا وڃن

الڪشن ڪميشن جماعتن کي ملي ڪري چونڊن جو فيصلو ڪرڻ ڪيو: امن ترقي پارٽي

الڪشن چاهي روز روز شيڊول تبديل ڪرڻ عدالتي فيصلن جي توهين جي ڏمري ۾ اڇي ٽي پارٽي سڏارن سان گڏ صاف شفاف ۽ اڌڙيون چونڊون ڪرائڻ لاءِ ملي ڪري ڪم ڪرڻو پوندو

ڪراچي (رپورٽر) امن ترقي پارٽي جي چيئرمين چيو آهي تہ الڪشن ڪميشن پارليامينٽ ۽ سياسي جماعتن کي ملي ڪري چونڊن جو فيصلو ڪرڻ پوندو سڏارن سان گڏ الڪشن چاهي روز روز شيڊول تبديل ڪرڻ/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ڪشمور جي ڳوٺ ميرمحمد نائچ مان چار ڏينهن اڳ اغوا ٿي ويل دڪاندار بازياب نہ ٿيو

علامتي احتجاجي ڪيمپ رت ڪشمور جي سياسي سماجي تنظيمن پاران شرڪت ڪئي وئي

منگي غلام مجتبي لاڪاڻا ۽ ٻين نائچ برادري سان مغوي اقبال نائچ جي بازيابي لاءِ ٻڌي جواڻڪار ڪيو

ڪشمور(رپورٽ اصغر علي چانڊيو) ڪشمور جي ڳوٺ ميرمحمد نائچ مان چار ڏينهن اڳ اغوا ٿي ويل موبائيل شاپ هلائيندڙ دڪاندار اقبال نائچ جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن نائچ جي بازيابي لاءِ وارثن طرفان لڳايل علامتي احتجاجي ڪيمپ رت ڪشمور جي سياسي سماجي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ڪشمور: اغوا ٿي ويل دڪاندار اقبال نائچ جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

اوباوڙو ويجهو رائونتي ٽائي جي حد ۾ پرائي تکرار تان هڪ جڏو قتل

رائونتي ٽائي جي حد ڪوش شر تکرار ٻيهر پڙڪي اٿيو، عارب ڪوش قتل ٿي ويو

معشوق ڪوش سخت زخمي ٿي پيو، لاش ضروري ڪاروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو

اوباوڙو (رپورٽ غلام علي رند) اوباوڙو ويجهو رائونتي ٽائي جي حد ۾ پورائي تکرار تان هڪ جڏو قتل ۽ هڪ جڏو سخت زخمي ٿي پيو اوباوڙو تفصيل مطابق رائونتي ٽائي جي حد ڪوش شر تکرار ٻيهر پڙڪي اٿيو شر برادري ماٺهن/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

بدين شهر ۾ بدترين حدڀلين جي خلاف ڊپٽي ڪمشنر جي حڪم تي آپريشن شروع

مختيارڪار محمد عمر ميمڻ شهر جي گولاڇي روڊ تي آپريشن شروع ڪندي حدڀلين هٽايون

پڙيون ختر ڪرائڻ لاءِ آپريشن شروع ڪيو پر ماٺهن پنهنجو روزگار بند ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين شهر ۾ بدترين حدڀلين جي خلاف ڪال ڊپٽي ڪمشنر بدين جي حڪم تي مختيارڪار محمد عمر ميمڻ شهر جي گولاڇي روڊ تي آپريشن شروع ڪندي روڊ سان لڳ قائم ڪيل مڇي گوشت فروٽ سبزي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

پرياستي پرسان ڳوٺ غلام محمد لاکو جي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

ڳوٺائن صدام لاکو غلام سرور لاکو دلشاد لاکو غلام شبير لاکو ۽ ٻين مظاهرو ڪيو

زونڪي ڪلهوڙو ۾ پرياستي پوليس ايف آءِ آر داخل ٿيڻ باوجود جوابدار گرفتار نہ ٿيا

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) پرياستي پرسان ڳوٺ غلام محمد لاکو جي رهواسي ڳوٺائن صدام لاکو غلام سرور لاکو دلشاد لاکو غلام شبير لاکو جي واقعي جا جوابدار گرفتار نہ ڪرڻ تي پرياستي پوليس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

نوشهروفيروز: ڳوٺ غلام محمد لاکو جا رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

ضلعي انتظاميا پاران شڪارپور ۾ رمضان بچت بازار لڳائي وئي، ساڃاھ وڌڻ پاران شرڪت

انتظاميا شڪارپور پاران شڪارپور جي هڪ مقامي هال ۾ رمضان بچت بازار لڳائي وئي آهي

ڊي سي جي هدايتن تي روز مره جي ڪائڻ پيئڻ جي شين جا بازار ڪان سستي اگهہ تي اسٽال لڳايا ويا

اسسٹنٽ ڊائريڪٽر بيورو آف سپلاءِ رياض احمد ميمڻ، انسپيڪٽر شاھد اختر آرائين ۽ ٻين پاران شرڪت

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) ضلعي انتظاميا پاران شڪارپور ۾ رمضان بچت بازار لڳائي وئي، خبر موجب سنڌ حڪومت جي حڪمن ۽ ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور ابرار احمد جعفر جي هدايتن تي ضلعي انتظاميا شڪارپور پاران شڪارپور جي هڪ/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 42

- مهانگائي ۾ اضافو معيشت ۽
- شهرين جي زندگين تي اهم اثر
- پيو آهي:رپورٽ

شاھپرچاکر (رپورٽ) پاڪستان ۾ وڌندڙ مهانگائي پاڪستان هن وقت مهانگائي جي اهم واڌ کي منهن ڏئي رهيو آهي. اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان جي مطابق ، ملڪ جي مهانگائي جي شرح فيبروري 2023 ۾ 9.1 سيڪڙو تائين وڌي وئي آهي . جيڪا هڪ ڏهاڪي کان وڌيڪ عرصي ۾ سڀ کان وڌيڪ سطح آهي. مهانگائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 41

شڪارپور: ضلعي انتظاميا طرفان لڳايل رمضان مڇت بازار ۾ شهري سامان خريد ڪندي

سنڌو نواز گهانگهرو پاران پوليس خلاف "توهين عدالت" جي ڪارروائي لاءِ درخواست داخل

ڪنديارو پوليس خلاف "توهين عدالت" جي ڪارروائي لاءِ سنڌو نواز گهانگهرو عدالت پهتي

سماجي اڳواڻ سنڌو نواز گهانگهرو ۽ حمزعلي چانديو نوشهري جي عدالت ۾ پهچي درخواست ڏني

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) سماجي اڳواڻ سنڌو نواز گهانگهرو ۽ سندن سائين مٿان ڪيس بدامني خلاف کيل احتجاج تي ڪنديارو پوليس پاران دهشتگردي جو ڪيس داخل ڪرڻ وارو معاملو، ڪنديارو پوليس خلاف "توهين عدالت" جي ڪارروائي لاءِ سنڌو نواز گهانگهرو عدالت پهتل سنڌ ٻوٽ ايڪشن ڪاميٽي جي چيئرپرسن سنڌو نواز گهانگهرو ، حمزعلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 40

ادبي شاعر ليکڪ ۽ استاد محمد شريف سومرو سان پريس ڪلب هالائي پاران سرهي سانجهہ

جو اڳوٽو مرڪزي اڳواڻ عزيزالله هنگورو ، پروفيسر عبدالستار ابڙو ۽ ٻين پاران شرڪت ڪئي

صدر بچل هنگورو ، سماجي اڳواڻ در محمد سيال خيرپور صحافي اتحاد جو صدر غلام حسين شريڪ

دودل ڦلپوٽو فنڪار شاھنواز مشوري سينئر شاعر ۽ صحافي عاجز امتياز نوح پوٽو شاعر ارشد ڦل شريڪ

خانواھ (رپورٽ :عاجز امتياز نوح پوٽو) سنڌ جي نالي واري ادبي شاعر ليکڪ ۽ استاد محمد شريف سومرو سان پريس ڪلب هالائي پاران سرهي شام ملهائي وئي تقريب ۾ سکر ڊويزن ۽ شهيد بينظير آباد ڊويزن جي سوين ادبين شاعرن ليکڪن استادن صوفي فنڪارن ۽ صحافين جن ۾ نالي وارو شاعر غلام علي عامر ، گسٽا جو اڳوٽو مرڪزي اڳواڻ عزيزالله هنگورو ، پروفيسر عبدالستار ابڙو/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 39

- برج ڪنسلٽنٽ فائونڈيشن ٽٽي
- پاران ٽي بي جي عالمي ڏهاڙي جي
- حوالي سان سيمينار

ٽنڈو (رپورٽر) برج ڪنسلٽنٽ فائونڈيشن ٽٽي پاران ٽي بي جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان ڊي ايڇ او ٽنڈو ۾ واڪ ۽ سيمينار منعقد ڪيو ويو سيمينار ۾ ڊي ايڇ او ٽنڈو ڊاڪٽر محمد حنيف ميمڻ، ڊي ٽي سي ڊاڪٽر محبوب ڪانيار ڊاڪٽر غلام علي ڊايو برج ڪنسلٽنٽ فائونڈيشن جي ريجنل ڪوآرڊينٽر ڊاڪٽر يوگيتا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 38

خانواھ: استاد محمد شريف سومرو ۽ پيا اڳواڻ تقريب دوران فوٽو ڪيرائي رهيا آهن

ٽنڈو ياگو لڳ ڳوٺ لعل بخش ڪلوئي ۾ ڳولي سبب مارجي ويل همراھ جو ڪيس داخل نہ ٿيو

مارجي ويل مياندار ڪلوئي جي قتل واري واقعي کي 3 ڏينهن گذري وڃڻ باوجود ڪيس داخل نہ ٿيو

ايس ايس پي بدين جي حڪم تي اي ايس پي ماجده هالپوٽو جي اڳواڻي ۾ انڪوائري ٽيم پهچي وئي

ٽيم انڪوائري ڪري سيني ڏرين کان بيان وٺي شروعاتي رپورٽ ايس ايس پي بدين کي ڏئي چڏي آهي

ٽنڈو ياگو(رپورٽ:... سهيل سمون) ٽنڈو ياگو لڳ ڳوٺ لعل بخش ڪلوئي ۾ ٽنگ ۾ ڳولي لڳڻ ڪري مارجي ويل مياندار ڪلوئي جي قتل واري واقعي کي 3 ڏينهن گذري وڃڻ باوجود ٽنڈو ياگو ٽائي تي سندس قتل جو ڪيس داخل نہ ٿي سگهيو آهي. ايس ايس پي بدين جي حڪم تي اي ايس پي ماجده هالپوٽو جي اڳواڻي ۾ انڪوائري ٽيم واقعي واري هنڌ جو معائنو ڪري پسگردائي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 37

لکي غلام شاھ جي وزير آباد جو رهواسي 15 ورهين جو نوجوان پراسرار نموني گم

نوجوان احمد دين عرف نانو ملڪ پٽ صيفل ملڪ 23 مارچ تي گم ٿي ويو آهي:وارث

ٻہ رلوءِ لڳ سڪر ٽول پلازا تي بس مان لهي واپس گوٺ ايندي پراسرار نموني گم ٿي ويو

نوجوان جو هماڻي توازن درست نہ هجڻ ڪري گهٽ ڳالهائيندو آهي هن لاءِ پيل ڪئي آهي تہ نوجوان جي ڳولها ۾ مدد ڪئي وڃي

سڪر(بيورورپورٽ)لکي غلام شاھ جي وزير آباد جو رهواسي 15 ورهين جو نوجوان احمد دين عرف نانو ملڪ پٽ صيفل ملڪ 23 مارچ تي پير لوءِ سڪر ٽول پلازا وٽان پراسرار نموني گم ٿي ويو آهي سڪر جي بس ٽرمينل وٽ گم ٿي ويل نوجوان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 36

سڪر: 15 ورهين جي نوجوان جي گمشدگي خلاف وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

- ڪنڊڪوٽ جي ڳوٺ ميهر شاھ
- بڙدي ۾ ٻن ڇٽن جا گهر سڙي ويا،
- لکين روپين جو نقصان

ڪنڊڪوٽ (رپورٽر) ڪنڊڪوٽ جي ڳوٺ ميهر شاھ بڙدي ۾ رات اچانڪ شبير احمد سبزوئي ۽ نظير احمد سبزوئي جي گهر ۾ بجلي شاٽ سرڪٽ مان باھ لڳي باھ گهرن کي وڪوڙي وئي گهرن ۾ پيل سمورو سامان ساڙي رک ٽي ويو ٽيائين جو ڏاج، ڪٽون، بستر، هڪ موٽر سائيڪل، سڙي رک ٽي ويا ان حوالي سان گهرن جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

بدين ۾ انتظاميا پاران لڳل بچت بازارن مان عوام کي ڪو به فائدو ملي نہ سگهيو

بدين ضلع جي سمورن تعلقي هيڊڪوارٽرن ۾ قائم ڪيل بچت بازارون ناڪام ٽي ويون

بازارن ۾ اٽو ڪنڊ فروٽ سبزيون موجود نہ هجڻ تي عوام بازار جو رخ ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي

سستو اٽو فراهم ڪرڻ ۾ ناڪامي ڪانپوءِ بچت بازارن مان اٽو غائب ڪيو ويو آهي:شهري

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۾ انتظاميا پاران لڳل بچت بازارن مان عوام کي ڪو به فائدو ملي نہ سگهيو اٽو ڪنڊ غائب هجڻ ڪانسواءِ ٻين سامان مهانگو ملڻ جون ڏانهون تفصيل موجب سنڌ حڪومت جي طرفان بچت بازارن قائم ڪري عوام کي سستي اگهہ تي روز مرهہ جون شيون ڏيڻ لاءِ بدين ضلع جي سمورن تعلقي هيڊڪوارٽرن ۾ قائم ڪيل بچت بازارون ناڪام ٽي ويون / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

ميرپورخاص جي علاقي لطيف ٽائون جي رهواسي پاران ٻاٽرن خلاف احتجاجي مظاهرو

شوروم جي مالڪ محمد مستجاب خان پنهنجي پوڙهي ماءُ ۽ حامله زال سان گڏ مظاهرو ڪيو

ٻاٽرن دڪان تي حملو ڪري منهنجي دڪان تي ڪم ڪندڙ عارف کي يرغمال بڻائي ورتو:مالڪ

دڪان ۾ قرلٽ ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي. جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪري سندن چوري ٿيل سامان واپس ڪرايو وڃي

ميرپورخاص (بيورو رپورٽ) ميرپورخاص جي علاقي لطيف ٽائون جي رهواسي روشن بلڙا ۾ موٽرسائيڪل جي شوروم جي مالڪ محمد مستجاب خان پنهنجي پوڙهي ماءُ ۽ حامله زال ۽ ڏکان جي ملازم عارف قريشي سان گڏ ميرپورخاص جي ايوان صحافت ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو تہ 18 مارچ تي منجهند جو ٽي وڳي سندس موٽرسائيڪل شوروم تي ، پناھ برادري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ميرپورخاص: ٻاٽرن خلاف رهواسي پريس ڪلب ۾ احتجاج ڪندي

- گرڊ اسٽيشن جي مين لائين جا
- 2 ٽنيا ڪرڻ سبب 8 ضلعن جي
- بجلي بند

ڪنڊڪوٽ (رپورٽر) ڪنڊڪوٽ بخشاپور پرسان گرڊ اسٽيشن جي مين لائين جا 2 ٽ

روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ايڊيٽر: اعجاز مهر

چنيجر 25 مارچ 2023ع

ٽارگيٽ ڪلنگ: قاتل ٽولن کي قانون جي ناکيلي وڇهو!

ڪراچي پوليس چيف جي آفيس تي دهشتگردن جي حملي کان پوءِ ته اهو واضح ٿي ويو هو ته شهر ۾ پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا ڪيترا چوڪس آهن، پر ان ايڈي وڏي سيڪيورٽي لئيپس کان پوءِ به پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن اڪيون نه ٻڌيون، چوڪس نه ٿيا ۽ روايتي سستي ۽ نااهلي جي ننڊ کين نهوڙي وئي. اهي ماڻهن جي جان ۽ مال جو تحفظ ڪرڻ ۾ ناڪام ثابت ٿيا آهن. رمضان المبارڪ جو پلارو مهينو شروع ٿي چڪو آهي، پر ان کان اڳ ئي جتي "ماٿهو_مار" مهانگائي عروج تي آهي، اتي سنڌ جي گاديءَ واري شهر ڪراچيءَ ۾ تارگيٽ ڪلر به سرگرم ٿي ويا آهن. ٻن ڏينهن اندر ٻن مذهبي شخصيتن کي تارگيٽ ڪري ماريو ويو آهي. توڙي جو شهر ۾ وفاقي مهمان فورس به 'مستعد' آهي، پوليس به الرٽ آهي، پر ان جي باوجود اهي تارگيٽ ڪلر پنهنجي تارگيٽ تائين نه صرف آسانيءَ سان پهچي ٿا وڃن، پر واردات ڪري بنان ڪنهن روڪ ٽوڪ جي فرار به ٿي ٿا وڃن.

ڪو وقت هو جو سيبائيجنڊ سامونڊي هوائن واري هن شهر ۾ حالت اها هئي جو، "ڪو جو قهر ڪلاچ ۾، جو ڪُهڙي، سو نِئي"، پر پوءِ ميان نواز شريف جي وزارت عظميٰ جي دور ۾ ڏوهارين کي چٽڻ ۽ ڪراچيءَ جو امن واپس موٽائڻ لاءِ سنڌ پوليس ۾ رينجرز طرفان ٽارگيٽڈ آپريشن شروع ڪيو ويو هو. جنهن کان پوءِ ڪراچيءَ ۾ دهشتگرديءَ جا واقعا گهٽجي ويا، پر مختلف وقتن تي ايڪڙ ٻيڪڙ واقعا ٿيندا رهيا، خاص طور تي ٽارگيٽ ڪلنگ جا واقعا. توڙي جو وڃ وارو وقفو وڌيو آهي، پر ان جي باوجود مختلف وقتن تي اهي واقعا تسلسل ۽ تواتر سان جاري آهن. ٽارگيٽ ڪلنگ جي ذريعي ڪراچيءَ کي وڳوڙن جي ور چاڙهڻ جي سازش ٿي رهي آهي. آخر اهي ڪير آهن، جن کي ڪراچيءَ جو امن نٿو آئڙي؟ اسان سمجهون ٿا ته، اصل ڪوتاهي انتظامي آهي. سنڌ انتظاميا طرفان اڃان "احسن ڪارڪردگي" وارين دعوائن جي گونج گم ٿي نٿي ٿئي ته دهشتگرد ۽ ٽارگيٽ ڪلر کا وڌي واردات ڪري، انتظاميا جي دعوائن کي ڪِل_ هاڻو ڪريو چڏين. ادارن جي وچ ۾ رابطي ڪاري نه هجڻ ڪري به انهن جي ڪارڪردگي متاثر ٿيندي آهي. سمجهه ۾ نٿو اچي ته سنڌ ۾ مستقل مهمان بٽيل وفاقي فورس توڙي سنڌ پوليس چا پيا ڪن؟ رياست جا اکيون ۽ ڪن تصور ٿيندڙ ادارا چا پيا ڪن؟ عوام جي تحفظ لاءِ ذميوار پوليس جڏهن پاڻ محفوظ نه هجي ته عوام جو تحفظ ڪيئن ٿي سگهندو؟ جڏهن سنڌ جي گاديءَ واري شهر جي اها حالت آهي ته سنڌ جي باقي ٻين شهرن ۽ وسندين ۾ امن امان جي کهڙي حالت هوندي، اهو سمجهڻ مشڪل نه آهي.

جڏهن به سنڌ ۾ بدامنيءَ جي گاڙهه ڪجي ٿي ته حڪمرانن جي رت جو ڏهاڙ وڏي وڃي ٿو ۽ اهي ترديدن جا طوفان برپا ڪريو چڏين. ظاهر آهي ته ڪمانڊوز جي گهيري ۾ هلندڙ ۽ بلٽ پروف شيشن جي پويان بيهي تقريرون ڪندڙن لاءِ ته امن ئي امن آهي. رمضان جي پلاري مهيني ۾ تراويحن تي نمازي گڏ ٿين ٿا، رمضان المبارڪ جي خريداريءَ لاءِ مارڪيٽن ۾ رش هوندو آهي، اهڙن موقعن تي سنڌ جي امن جون بدخواهه قوتون کي به ممڻ مڃائي سگهن ٿيون. پلا ان انتظامي ڪارڪردگيءَ کي چا چئجي، جو ٽارگيٽ ڪلر هٿياربند سان اچن ٿا ۽ بنان ڪنهن روڪ ٽوڪ جي واردات ڪري هليا ٿا وڃن. پر چڪاس جي ڪنهن به اسپيڊ بريڪر تي انهن جي رستي روڪ نٿي ٿئي. هاٿي ته قدم قدم تي سي سي ٽي وي ڪئميرائون لڳل آهن. پوءِ دهشتگرد قانون جي گرفت ۾ چو ڪونه ٿا اچن؟ اسان سمجهون ٿا ته سنڌ جي امن کان انتظامي لاتعلقي انتهائي خراب نتيجا آڻي سگهي ٿي. اڳ ۾ به ڪراچي پوليس چيف جي آفيس تي دهشتگردن جي حملي مان ئي ڪراچيءَ ۾ امن امان جي حوالي سان صورتحال جي سمجهاڻي ملي چڪي آهي. ڪراچي تمام وڏو شهر آهي، جنهن ۾ بدامنيءَ جي چٽنگ کن پل ۾ پنيٽ ٻڌجي سگهي ٿي. ان ڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ڪراچيءَ ۾ امن امان لاءِ ترت اپاءَ ورتا وڃن. ادارن جي رابطي ڪاري بهتر ٿيڻ گهرجي. اڪيلي اڏام بدران ادارن جي مربوط قسم جي ڪارڪردگيءَ سان ڪي ڪراچيءَ جي روڊن رستن تي "آدم بوءِ_آدم بوءِ" ڪري ماڻهو ماريندڙ قاتل ٽولن کي قانون جي ناکيلي وڇهي سگهجي ٿي.

ٽرءِ ٽري ماڻهن تي پيل 'وڏي ذميواري'!

سهيل سانگي

ٽر جي ماڻهن تي وڏي ذميواري اچي وئي آهي، اها ذميواري آهي پاڪستان جي معيشت کي بدلائڻ جي. اهو آڻون ڪونه ٿو جوان، بلڪ وزيراعظم شهباز شريف ۽ پيپلزپارٽيءَ جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چون ٿا. جيڪي ملڪ جي سياسي، معاشي ۽ عدالتي گهوٽالي جي باوجود سيڙڇي آيا ۽ اڄ ٽر جي ماڻهن تي اها ذميواري وڌهي هلايا ويا ۽ ٽر جي ماڻهن کي آگاهه ڪيائون ته پاڪستان لاءِ جيڪي ڪجهه ڪرڻو آهي، سو ٽر جي ماڻهن کي ڪرڻو آهي. مونکي پهرئين ٽي ڏ ۾ ئي اهو احساس نه ٿيو پر جڏهن هڪ ٻن دوستن فون ڪري مون تي پيل عظيم ذميواريءَ کان آگاهه ڪيو ته پوءِ ان جو احساس ٿيو. شهباز شريف ۽ بلاول ڀٽو زرداري ملڪ جي ٻن وڏين پارٽين جا سربراهه ۽ چونڊيل نمائندا آهن ۽ هن وقت حڪومت ۾ به آهن. هڪ جمهوريت پسند هجڻ جي ناتي مونکي ٻنهي اڳواڻن لاءِ احترام به آهي پر هو جهڙي طرح سان آگ لاهي ويا، ان تي مون وٽ نه ٽر جي ماڻهن وٽ ڪجهه سوال آهن.

اهو ڪٿي مڃجي ته ٽر ٻنهنجي ڪوٽلي جي ڪري ملڪ جي حالت بدلائيندو پر ٽر جي حالت ڪير بدلائيندو؟ چاڪاڻ جو هن ڪوٽلي جي رٽائن مان ٽر جي ماڻهن کي نه ته ڪجهه به نه پيو ملي ۽ ايندڙ وقت ۾ به ڪجهه ملڻ مشڪل آهي. ٽر ۾ ترقيءَ جون ۽ ڪجهه ٻيون نمائشي ڳالهيون ٻنهنجي جاءِ تي، پر زميني حقيقتون تبديل نه ٿيون آهن. ڪراچي کان اسلام ڪوٽ يا ٽر ڪول فيلڊ تائين سڄو روڊ ٽهيو آهي. اهو روڊ ٽر جي ماڻهن جي لاءِ نه پر دراصل ڪول پروجيڪٽ جي انفرا اسٽرڪچر ڊيڊ لاءِ ٺهيو آهي، جيڪو هن پروجيڪٽ جي ڪمپنين سان واڳيل ٻڌي ڪار وهنوار کي سهولت ڏيڻ لاءِ ٺاهيو ويو ٽر جي ماڻهن کي ان مان جيڪڏهن کو ٻڌسو پائي فائدو ملي ته ٽر ۾ اهو دراصل اضافي گهاهه آهي، چاڪاڻ جو باقي ٽر جي ڪنهن به علاقي ۾ ڪو فضيلت وارو روڊ نيٽ ورڪ موجود ناهي. ايتري قدر جو تعلقي هيڊڪوارٽر هڪٻئي کان ۽ ڪن صورتن ۾ منهنجي ضلعي هيڊڪوارٽر مٿي کان به ڪٽيل آهن. اسلام ڪوٽ جي بختاور ايئرپورٽ کي ٽر جي ترقي ۾ شامل ڪيو ويندو آهي. ڪهڙو ٽري ان ايئرپورٽ جو اڄ يا اڳ کان ايندڙ پنجن سالن تائين به ان مان فائدو وٺي سگهندو. ساڳي طرح سان فرش ڪينال جو پاڻي وايا نبي سر ٽر تائين پهچايو ويو آهي پر اهو پاڻي ٽر يا ٽر جي ماڻهن لاءِ نه ته ٻر ڪوٽلي واري بجلي گهر لاءِ پهچايو ويو آهي. ان اسڪيم تي به اربين روپيا خرچ ٿيا آهن.

ٽر جي ڪوٽلي تي هلندڙ بجلي گهر موجود آهن پر اتي ٽر جي وسيلن مان ٽر اندر ٺهندڙ بجلي ٽر کي نه ڏني وئي آهي. مشڪل سان ٽر جي 5 سيڪڙو آبادي کي بجلي جي سهولت حاصل آهي. ٽر ۾ ٺهندڙ بجلي کي نيشنل گرڊ ۾ شامل ڪيو ويو آهي. جڏهن سئي مان گيس نڪرندي هئي، تہ اها سجي ملڪ کي ملندي رهي پر اها سئي ۽ ڪوئيٽا کي اٽڪل اڌ صديءَ تائين نه ملي هئي. جيئن سنڌ اينگرو جي بجلي گهر بجلي ٺاهڻ شروع ڪئي تہ حڪومت اهو منصوبو جوڙيو تہ ٽرين کي انهن جي چئونرن تي سولر پليٽون لڳايون ڏينهن وڃن. مطلب تہ ڪوٽلي مان ٺهندڙ بجلي ۾ ٽرين جو حصو ناهي. ٽري پنهنجي بجلي لاءِ سج سان يعني سولر سان رجوع ڪن. اچرج جي ڳالهه اها آهي تہ ٽر ۾ هڪڙو بجلي گهر ٺهيو ان ڪانپوءِ پيو بجلي گهر به ٺهيو پر ٽر جي عام ماڻهو تائين بجلي نہ پهتي. 6 سال اڳ ٽرين کي بجلي ڏيڻ لاءِ عالمي بينڪ کان قرض ورتو ويو تہ هنن کي سولر پليٽون لڳائي ڏئي خوش ٿا ڪريون. اسيمبلي ميمبرن کان ٽر جي ڳوٺن ۽ گهرن جون لسٽون گهرايون ويون. اهڙين لسٽن جي تياري ۾ اسيمبلي ميمبرن جي ماڻن ڪئي ڪٽيل ماڻهن کان گهرن جي داخلا لاءِ ڊوڪڙ به ورتا پراجا تائين ان پروجيڪٽ تي عمل نہ ٿي سگهيو آهي. تعجب جي ڳالهه آهي تہ وزيراعظر شهباز شريف، پرڏيهي معاملن جي وزير بلاول ڀٽو زرداري ٻئي بجلي گهرجي بجلي پيدا ڪرڻ جي افتتاح مهل ٽرين کي بجلي ڏيڻ ۽ ڪين سولر سسٽم حوالي ڪرڻ واري رولڙي ۾ پيل پروجيڪٽ جو ڪو ذڪر نہ ٿيو افتتاح مهل نہ ڪين ٽرجا ماڻهو ۽ مسئلا ياد هئا ۽ نہ وري ڪنهن ۾ اها همت پيدا ٿي جو اهو ڪٽي انهن ٻن اعليٰ اڳواڻن کي ياد ڏياري. ڪوٽلي جي ڪوتائي، ان مان بجلي ٺاهڻ سان واسطو رکندڙ اڌيڪ سوال ۽ مسئلا آهن. جن جو اسين هتي ذڪر ڪو نہ ٿا ڪريون پر خود بجلي نہ ڏئي ٽر سان جيڪا ناانصافي ڪئي وئي، اها به پنهنجي جڳهه تي خطرناڪ آهي. جڏهن ٽر جي ڳوٺن مڌان بجلي جون تارون لنگهنديون پر ڳوٺن ۾ اوندهه هوندي، تڏهن ٽر جي عام ماڻهوءَ ۾ ڪهڙو احساس پيدا ٿيندو؟ اصل ۾ هت ولي ٽر جي ماڻهن ۾ محرومي جو احساس پيدا ڪيو پيو وڃي. ٽرجا ماڻهو پاڪستان کي ترقي ڏيارڻ ۾ پنهنجا وسيلا ۽ پنهنجو حصو وجهڻ لاءِ تيار آهن پر موت ۾ هو اهو به ڏسن ٿا ۽ پڇن ٿا تہ ان سڄي قصي ۾ سندن پلئه ۾ چا ٿو پوي؟

ڳالهه ڳهڻي ڪري اتي ٽي اچي ٽہ ٽر ٽہ پاڪستان کي بدلائيندو پر ٽر کي ڪير بدلائيندو؟ هٿي اسين ٽر ۾ پوندڙ ڏکارن جو ذڪر ڪو نہ ٿا ڪريون، اسين هتي غذائيت جي ڪوٽ سبب مرندڙ ٻارن جو ذڪر ڪو نہ ٿا ڪريون، هتي اسين اهو به ذڪر ڪو نہ ٿا ڪريون تہ ٽر جي اوپر واري پٽي سان لڳندڙ سرحد جي ٻئي پار روڊ جو ڪيترو ۾ ڪهڙو نيٽ ورڪ آهي؟ اتي چار ئي مندون سارڪ آهي، جيڪا سرحد تي بيهي سامهون ڏسي سگهجي ٿي. انهن سوالن تي ڪنهن ٻئي پيري بحث ڪنداسين، في الحال حڪومت جي اعلان ۽ انهن تي عمل جو ذڪر ڪنداسين.

سائين قائم علي شاهه جڏهن سنڌ جو وڏو وزير هوتہ هن 14 اعلان ڪيا ۽ ٽر ڊولپمينٽ ڪميٽي ٺاهي، جنهن کي ٽر ۾ پوندڙ ڏکارن کي روڪڻ لاءِ پاليسيون ٺاهڻ ۽ ٽر ڊولپمينٽ اٿارٽي لاءِ مسودو ۽ منصوبو جوڙڻ جي ذميواري ڏني وئي. ٽر ڊولپمينٽ ڪميٽي جئن مهينن کي لڳاتار ڪوششن سان اهي ٻئي مسودا ٺاهي ڏنا پر اهي سپ سردخاني ۾ هليا ويا. بقول هڪ اعليٰ سرڪاري عهديدار جي تہ ٽر جو ڪوٽلي انهيءَ منصوبي تي حاوي ٿي ويو سوال اهو آهي تہ جيڪڏهن ٽر مان ڪوٽلو نہ نڪري ها تہ ٽر ۾ ترقي ڏيارڻ لاءِ حڪومت جي ذميواري نہ بڻجي ها؟ آخر تہ ٽري به پاڪستان جا شهري آهن. ٽر جي ترقي کي ڪوٽلي سان ئي واڳيو ويو آهي. جتي جتي ڪوٽلو ناهي، اتي ترقي جو ڪو نالو نشان به ڪو نہ ٿو ملي. ٽر جا ايرائي تعلقا ڏاهلي، چاچرو ۽ اڌ ننگرپاکر روڊ توڙي ٻين سهولتن کان محروم آهن. بلڪ ترقي جي هن سڄي عمل کان ڪٽيل آهن.

پنج سال اڳ سنڌ جي مختلف يونيورسٽين ۾ پڙهائيندڙ استادن جي تحريڪ ۽ سوشل ميڊيا تي هلايل مهم جي نتيجي ۾ بلاول ڀٽو زرداري اسلام ڪوٽ ۾ ۽ ان کانپوءِ سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه سنڌ اسيمبلي جي ايوان ۾ اعلان ڪيو تہ ٽر ۾ هڪ نہ پر ٻه يونيورسٽيون قائم ڪيون ويندیون پر اهو اعلان به سائين قائم علي شاهه جي 14 اعلانن وانگر رهيو ها، ايترو ضرور ٿيو جو اين اي ڊي يونيورسٽي کي ڊيڊ سئو ايڪڙن کان وڌيڪ زمين الاٽ ڪئي وئي، جنهن اتي ٽن ٽيڪنالاجيز تي ٻڌل هڪ نندڙو ادارو انسٽيٽيوٽ جي نالي سان قائم ڪيو، جنهن جي حيثيت ٽيڪنيڪل ڪاليج کان مٿي ناهي. خود انهيءَ انسٽيٽيوٽ ۾ ٽر سان واسطو رکندڙ ٻارن جي ڪوتا 20 سيڪڙو رکي وئي.

اسين مڃيون ٿا تہ ٽر پاڪستان کي بدلائي سگهي ٿو پر سڄي ٽر ۾ هڪ گرلس ڪاليج آهي، جيڪو ضلعي هيڊڪوارٽر مٿي ۾ آهي، باقي ان جي 6 تعلقن ۾ انٽرميڊيٽ سطح تي به ڪاليج ڪونهي. ساڳي ريت 7 تعلقن مان 5 ۾ بوائز ڊگري ڪاليج آهن، جن مان صرف مٿي ۾ اسلام ڪوٽ وارو ڪاليج فنڪشنل آهن. يونين ڪائونسل سطح تي ڪو به گرلس هاءِ اسڪول تہ چڏيو پر سواءِ پنجن سٽن يوسيز جي، ڪٿي بوائز مڊل اسڪول به ڪونهي. تعليم جي صورتحال اها آهي جو گذريل سال استادن جي لاءِ ٽيل ٽيسٽ ۾ ننگرپارکر تعلقي مان پاسنگ مارڪس جو تناسب گهٽ ڪرڻ باوجود سيٽون خالي رهيون. وزيراعظر شهباز شريف ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو چوڻ اکين تي، پر اها به حقيقت آهي تہ ٽر ۾ خودڪشين جو تعداد بين علاقن کان وڌيڪ آهي. ان جو ڪارڻ غربت، وسيلن جي اڻبرابري واري ورڇ يا وري تازي ٽيندڙ ترقيءَ ۾ حصو نہ ملڻ سبب محرومي جو احساس ٿي سگهي ٿو

ٽر پاڪستان کي بدلائي سگهي ٿو پر ٽر جي ماڻهن کي ٽرڪول، ان جي بجلي گهرن، ڪوٽلي جي ڪوتائي دوران پرائيويٽ ڪمپنين ۾ پيدا ٽيندڙ نوڪرين ۾ حصو ته ڏيارايو! في الحال اهو انگ 20 سيڪڙي کان مٿي ڪونهي. ڪوٽلي جي ڪوتائي دوران جيڪي ننڍا وڏا ڪم نڪرن ٿا، انهن ۾ 70 سيڪڙو ٻاهريون ماڻهو آهي. ٽر ڪول پروجيڪٽ جيڪڏهن واقعي ٽر ۾ روزگار ۽ ملازمت جا موقعا فراهم ڪري ها تہ ٽر جي نوجوان جو وڏو تعداد ڪراچي جي مختلف شعبن ۾ نوڪريون نہ ڪري ها. هن وقت ڪراچي جي گارمينٽس فيڪٽرين ۾ 20 هزار کان وڌيڪ، گهريلو ملازمت ۾ 5 کان 10 هزار ۽ بين اهڙن ننڍن ڪاروبارن ۾ 10 هزار نوجوان ڪم ڪن ٿا. ان جو اندازو ماڻهن کي تڏهن ٿيو، جڏهن گذريل پيري ڪوويڊ سبب ڪراچي ۾ ڪاروبار بند ٿيا يا اڇا به وسڪاري واري مند ۾ ٽر ڏانهن ويندڙ گاڏين ۾ ماڻهن کي ڏسي سگهجي ٿو ڪوئٽيندڙ ڳالهه اها آهي تہ گهريلو ملازمت ۾ ننڍي عمر جا ٻار به آهن. ان حوالي سان گذريل هڪ سال ۾ ٽر جا ٽي نوجوان پراسرار نموني قتل به ٿي چڪا آهن. جيڪڏهن ٽرڪول پروجيڪٽ ٽر جي نوجوانن کي نوڪريون ۽ روزگار جا موقعا ڏئي سگهي ها تہ هزارن جي تعداد ۾ اهي پنهنجي مٽن ماٽين کان سوين ميل پري هڪ ٻي دنيا ۾ چو اڇي نوڪري ڪن ها.

فرمائش اها آهي تہ ٽر جي ڊريعي پاڪستان بدلائڻ جي نعري بدران پهرين ٽر کي تہ بدلايو. ٽر کي ترقي ڏياريو. ٽر جي ماڻهن جي ملازمتن، روزگار جي موقعن ۾ سار سنڀال لهو. ان کانپوءِ ٽر کان اهڙيون فرمائشون ڪريو.

بقايا ٭٭٭ 27

هڪ ئي رات 10 ڳئون ۽ مينهن مري ويون، مالونڊن ڇيو ته اسان جو گذارو ئي ڇوپائي مال تي آهي، لائيو اسٽاڪ کاتو آسان جي ٽيل نقصان جو ازالو ڪري

بقايا ٭٭٭ 28

ڍ ڏماڪو گيس پرچڻ سبب لڳي رهيو آهي، وڏيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي.

بقايا ٭٭٭ 29

بيان ۾ ڊيموڪريٽڪ آمريڪي سينيٽر ڪيٿرين ڪورٽيز ماستو ڇيو ته پاڪستان ۾ سياسي ڇڪتاڻ سبب تشدد پريشان ڪندڙ آهي، انهن حالتن ۾ مون کي پاڪستاني عوام جو خيال ايندو آهي. هن ڇيو ته پاڪستاني اڳواڻن کان جمهوريءَ آئيني اصولن جي احترام جو مطالبو ڪيان ٿي. اميد آهي ته پاڪستاني اڳواڻ عوام جي مستحڪم ۽ خوشحال مستقبل لاءِ ڪم ڪري سگهن ٿا. ان کان اڳ آمريڪي سينيٽر جيري روسن به پاڪستان ۾ وڌندڙ سياسي تشدد تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو هو.

بقايا ٭٭٭ 30

قرض رول اوور ڪرڻ جي تصديق ڪندي ڇيو آهي ته چين کانپوءِ سعودي عرب ۽ گڈيل عرب امارتن طرفان به جلد فنانسنگ جي اميد آهي. ٽائي واري وزارت جي ڊريعن جو ڇوڙ آهي ته هلندڙ مهيني چين مان وڌيڪ 30 ڪروڙ ڊالر پاڪستان اچڻ جي اميد آهي ۽ هلندڙ مهيني ٽائي متاسٽا جا ذخيرا 5 ارب ڊالرن کان وڌي ويڙ جي به اميد آهي. ڊريعن موجب چين 2 ارب ڊالرن جي سيف ڊپازٽ جي واپسي هڪ سال لاءِ ملتوي ڪئي آهي. سعودي عرب ۽ گڈيل عرب امارتن طرفان به فنانسنگ جي اميد آهي، پاڪستان کي آءِ ايم ايف سان معاهدي لاءِ ٻاهرين فنانسنگ جي تصديق ضروري آهي.

بقايا ٭٭٭ 31

هلڻ لاءِ سمورا انتظام مڪمل ڪيا وڃن. هن ڇيو ته ٽرانسپورٽ ڪاتي تحت وڌيڪ نيون ايلٽرڪ بسون ٻڌ آڻي رهيا آهيون. اڄلاس ۾ پيپلز بس سروس، بي آر ٽي ريڊ لائن، ارنج لائن ۽ ييلو لائين منصوبن جو به تفصيلي جائزو ورتو وڃي. صوبائي وزير ٽرانسپورٽ ۽ روڊ مينٽيننس چيف سيڪريٽري سنڌ جي سموران ڊويزنل ڪمشنرن ۽ ڊپٽي ڪمشنرن ويڊيو لنڪ ذريعي شرڪت ڪئي. ايڊيشنل ڪمشنر ڪراچي محمد اقبال ميمڻ، سيڪريٽري صنعت عبدالرشيد سولنگي، سيڪريٽري جنرل ايڊمنسٽريشن محمد حنيف چنا سميت ٻين شرڪت ڪئي، جڏهن ته اڄلاس ۾ سموران ڊويزنل ڪمشنرن ۽ ڊپٽي ڪمشنرن ويڊيو لنڪ ذريعي شرڪت ڪئي. اڄلاس ۾ چيف سيڪريٽري سنڌ ڇيو ته رمضان المبارڪ ۾ منافع خورن خلاف نئين آرڊيننس تحت ڪارروائي ڪئي ويندي. جنهن تحت ڏنڊ جي حد وڌائي هڪ لک روپيا ڪئي وئي آهي. هن ڇيو ته نئين آرڊيننس تحت دڪان 30 ڏينهن تائين سيل ڪري سموري سامان سرڪاري اڳهه ۾ نيلام ڪيو ويندو. هن وڏيڪ ڇيو ته سيائي ڪان زراعت ڪاتي ۽ ليبر ڪاتي جا آفيسر به رمضان جي مهيني ۾ ڊپٽي ڪمشنر جي ماتحت فوڊ انسپيڪٽر طور ڪر ڪندا. هن وڏيڪ ڇيو ته منافع خورن ۽ ذخيره اندوزي ڪي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو. چيف سيڪريٽري سنڌ جي سموران ڊويزنل ڪمشنرن کي هدايت ڪئي ته هو روزانا جي بنياد تي ريورٽ پيش ڪن. اڄلاس ۾ چيف سيڪريٽري سنڌ سيڪريٽري صنعت ڪي هدايت ڪئي ته صوبي ۽ قائم ڪيل بجت بازارن ۾ اٽي، گيهه ۽ ڪنڊ سميت ضروري شين جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي. چيف سيڪريٽري سنڌ وڏيڪ ڇيو ته 78 لک خاندانن کي اٽي جي صورت ۾ سبسڊي ڏيڻ جي منظوري ڏني وئي آهي. اڄلاس ۾ ڊويزنل ڪمشنر لاڳاپيل ڊويزن ۾ حڪومت پاران قائم ڪيل بجت مارڪيٽ بابت آگاهي ڏني وئي.

بقايا ٭٭٭ 32

تي بڌائي ٿي. عمران خان جو وڪيل گوهر علي ۽ پراسيڪيوٽر رضوان عباسي عدالت ۾ پيش ٿيا. وڪيل گوهر علي درخواست ڪئي تہ عمران خان 30 مارچ تي اجي رهيو آهي، عدالت به 30 مارچ تي بڌائي ٿي. عمران خان جو وڪيل هتائي ويندو، هن ڇيو تہ ايلائن خلاف هڪ ٻي ايف آءِ آر ڪٽي وئي آهي. ڪٿي ڪٿي ڪنهن ڪنهن کي ڌڪا ڏنا آهن، ڪٿي ڪٿي ڪنهن ڪنهن کي ڌمڪيون ڏنيون آهن، ڪٿي ڪٿي ڪنهن ڪنهن کي گهيرا ڪي

بقايا سنڌيار 01

فقير جي بازارن ۾ افطاري خريداري عروج تي پهچي ويا صوفي فقيرن ۽ فروٽ مارڪيٽن ۾ افطارجون تيارين عروج تي آهن. جڏهن ته بازارن ۾ خريداري به عروج تي وڃڻ آهي صوفي فقير رمضان المبارڪ جي پلاڙي مهيني ۾ منافعي خور واپارين پاران فروٽ، پاڇين، سميت ڪاڏي پيتي جي شين جا اڳهه وڌائي چڙڻ جي متان منافعي خور واپاري لٽي رهيا آهن پرائيس ڪنٽرول ڪاٽي. غائيب ڊي سي عمرڪوٽ نوٽيس ونڊي.

بقايا سنڌيار 02

جي مٽسن ڏهاڙن دوران شهرين، سماجي ۽ فلاحي تنظيمن سميت سرندي وارن پاران سکر شهر جي مسجدن، اسپتالن روڊ رستن تي اجتماعي افطار جو سلسلو شروع ڪري ڇڏيو آهي. جنهن ۾ عام مائهن کي دعوت ڏني افطار ڪرائي وڃي پڻي افطار پروگرامن ۽ مسجدن جا نمازي، بيمار، اسپتالن ۽ ڪر ڪنڈ ۽ شهرين کي اجتماعي افطار سميت سحري ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ مسافرن ۽ مسڪينن کي خاص طور تي شامل ڪيو وڃي ٿو جنهن جو مقصد الله کي راضي ڪري برڪتن واري مهيني جون برڪتون حاصل ڪرڻ سميت روزو رکڻ جو ثواب حاصل ڪرڻ پڻ آهي ۽ اڪثر مائهن مسجدن ۽ سماڄي تنظيمن جي دسترخوان ڏانهن موڪليندا آهن جيڪي عملي طور تي اجتماعي افطار جا دسترخوان سينگاريندڙ آهن ۽ ڪجهه مذهبي ۽ فلاحي تنظيمن به مخير مائهن کان چندو ڊيڻ جي اپيل وارا بينرز پوسٽر لڳايا آهن تہ جيئن انهن جي تعاون سان اهو سلسلو سڄو مهينو جاري رکي سگهجي.

بقايا سنڌيار 03

گهر جو چراغ روسائي چڏيو، گذريل ڏينهن ٻجل شاهه ميائي جي رهواسي 6 ورهين جي ياڑي ڪي معمولي بخار جي ڪري ويڇهي ڏاڪٽر جي ڪلينڪ ۽ داخل ڪيو ويو هو جتي ياڑي ڪي مامي جو چوڻ هو تہ منهنجي پائٽي کي بخار هو جڏهن هن کي ڪلينڪ آندو تہ ڪلينڪ تي ڊيوٽي ڪندڙ ڊسپينسر غلط انجيڪشن لڳايو جنهن سبب ياڑو فوت ٿي ويو آهي ملوٽ ڏاڪٽر ۽ ڊسپينسر خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي. پٽي طرف ڏاڪٽر رسول بخش واقعي تي موقف اختيار ڪندي چيو تہ ڊسپينسر اختر ڊاير منهنجي ڪلينڪ هلائي رهيو آهي، مان شام جو ڪلينڪ وڃڻ لاءِ ايندو آهيان، رڳو ڪمپائونڊ